ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 4, Issue 1, 2025 ISSN-L (Online): 3006-6638

# رشيد ڀٽيءَ جي ترجمو ڪيل ناول ”پاپ ۽ پيڙا“ (Crime and Punishment) جي ترجمي جو تنقيدي جائزو

# A Critical Analysis of Rasheed Bhatti's Sindhi Translation of the Novel 'Crime And Punishment

**Dr. Abdul Latif**
ansariabdullateef@gmail.com
Assistant Professor of Sindhi, Government Islamia Arts and Commerce College Sukkur Sindh

**Corresponding Author: Dr. Abdul Latif** ansariabdullateef@gmail.com

**Received:** 03-02-2025 **Revised:** 15-02-2025 **Accepted:** 01-03-2025 **Published:** 13-03-2025

## ABSTRACT

*Rasheed Bhatti's Translation of crime and punishment is the finest example of adaptation. He saw the subject, atmosphere and social circumstances of the novel very identical to the conditions of his own nation. This led him to transform this novel in accordance with our local conditions rather than merely translating this novel. This novel is a reflection of political economic and social conditions of Sindh. Rasheed Bhatti really did hard work in giving local colors of Sindh to the novel. The main character of this novel "Siraaj" is portrayed in accordance with the socio-cultural conditions of Sindh. His treatment of the character "Siraaj" is familiar to us and very pleasant. Portrayal of "Siraaj" is so natural that its seems as if the character belongs to Sindh and not to Russia. He has presented the phycological analysis of the characters who struggle against the pessimism and frustration in highly effective manner.*

**Keywords**: *adaptation, local context, socio-cultural portrayal, psychological analysis, Sindh society*

رشيد ڀٽيءَ جو ناول ”پاپ ۽ پيڙا“، جڳ مشهور روسي اديب ”فيودور دوستو وسڪي“ (1881 – 1820) جي مشهور ناول، ”ڪرائيم اينڊ پنشمينٽ“ (Crime and Punishment) جو ترجمو آهي.

فيودور دوستو وسڪي هڪ وچين طبقي جو باشندو هو، هو ننڍيءَ وهيءَ کان ئي پڙهڻ لکڻ جو شوقين هو. هن جاگيردارانه نظام ۾ اک کولي، جنهن سبب شروعات کان ئي هو باغي ۽ انقلابي ذهن رکندڙ شخص هو. هن جي دل ۾ جاگيردارانه سماج سبب ٿيندڙ مظلوم عوام جي استحصال کان نفرت ۽ ڌڪار هئي. هن زندگيءَ جي مختلف دؤرن ۾ سماج جي بيرحميءَ سبب ڪيترين ئي صعوبتون سٺيون، جيل ڪاٽيا، ايسيتائين جو هڪ دفعي ڦاهيءَ جي ڦندي تائين به پهتو، پر قدرت هن کان هڪ وڏو ۽ عظيم و شان ڪم وٺڻ پئي چاهيو. اهڙن واقعن هن جي دل ۽ دماغ تي اڻ مٽ نقش چٽيا ۽ سندس ذهني شعور ۾ انقلابي راهه هموار ڪئي. سندس نجي زندگيءَ ۾ مختلف صعوبتن سبب ڏک ۽ پيڙا جو هڪ زبردست عڪس ملي ٿو، جنهن سبب هو پنهنجي تخليقن ۾ اهڙي ناسوري سماج کان باغي ۽ پيڙا جو پهاڙ نظر اچي ٿو. فيودور دوستو وسڪيءَ، نوجوان ۽ اسرندڙ نسل کي پنهنجي تخليق جو موضوع بڻايو آهي.

رشيد ڀٽيءَ هي ناول 1962ع ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڊسمبر 1963ع ۾ پورو ڪيو. رشيد ڀٽي پنهنجي ترجمي جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”مون جنوري 1962ع ۾ هي ناول لکڻ شروع ڪيو ۽ ڊسمبر 1963ع ۾ لکي پورو ڪيو. مارچ 1964ع ۾ فيئر ڪري لکي پورو ڪيم. محترم بزرگ ساٿي ابراهيم جويي هن مسودي کي پڙهي، ان ۾ زبان جون، ۽ خاص ڪري گرامر جون قابل قدر درستگيون ۽ ترميمون ڪيون.“ (1)

رشيد ڀٽيءَ جو ترجمو ڪيل ناول دراصل ترجمي کان به وڌيڪ اڳتي آهي يعني هي ناول دراصل فيودور دوستو وسڪيءَ جي ناول Crime and Punishment تان اخذ Adapt ڪيو ويو آهي. سنڌي ادب ۾ Adaptation جي تاريخ چڱي پراڻي آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي.Adaptation دراصل تخليقي عمل کي اجا وڌيڪ ويجهو آهي. هن ۾ اصل ڪهاڻيءَ جي روح کي ڪٽي پنهنجي ڌرتيءَ جي ماحول، ٻوليءَ، سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالتن کي آڏو رکي ديسي رنگ ڏنو ويندو آهي. جنهن ڪري اها ڪهاڻي يا پلاٽ ڌاريو محسوس ٿيڻ بجاءِ، واقفڪار لڳندو آهي.

ترجمي ۾ ديسي انداز يعني Adaptation جي باري ۾ مختيار ملاح وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

”هن قسم جي ترجمي ۾ ترجمانگار اصلوڪي مواد کي پنهنجي سماج، ٻولي ۽ ڪردار جي آدار تي حالتن کي موافق ٺهڪائي ترجمو ڪندا هئا. اصلوڪن نالن، شهرن ۽ ماحول کي ديسي انداز ۾ آندو ويندو هو. اڳاٽا ناول ڊاڍا ڊگها لکيا ويندا هئا. روسي، فرانسي، انگريزي ۽ اطالوي کان علاوه سپني ٻولين ۾ تمام ڊگها ناول لکيا ويا آهن. سنڌيءَ ۾ جڏهن به اهڙن ڊگهن ناولن جي ترجمي جو سوال آيو ته، تڏهن انهن کي مختصر ڪري صفحن جا صفحا ڪڍي وجي ترجمو ڪيا ويا.“ (2)

رشيد ڀٽيءَ جو ترجمو ڪيل ناول، ”پاپ ۽ پيڙا“ Adaptation جو بهترين مثال آهي. رشيد ڀٽيءَ کي اصلوڪي ناول جو موضوع، ماحول، سماجي حالتون وغيره پنهنجي قوم جي حالتن سان ملندڙ جلندڙ ۽ ٺهڪندڙ نظر آيون، جنهن سبب رشيد ڀٽيءَ ناول جو سڌو سنئون ترجمو ڪرڻ بجاءِ، ناول جي ترجمي کي ديسي رنگ ڏنو، جنهن ڪري ناول ۾ موجود حالتن ۾ ، سنڌي قوم کي، پنهنجي سماجي، سياسي توڙي اقتصادي حالتن جو عڪس نظر آيو.

فيودور دوستو وسڪيءَ پنهنجي ناول Crime and Punishment ۾، سماج ۾ اڀرندڙ طبقاتي ۽ سرمائيدارانه نظام جي رد جي اپٽار ڪئي آهي ۽ رشيد ڀٽيءَ جي ترجمي ڪرڻ جو اصل ڪارڻ ۽ پسمنظر به اهو ئي هيو جو ان وقت سنڌ ۾ پڻ سرمائيدارانه نظام ڪَرُ کڻي رهيو هيو. رشيد ڀٽيءَ کي ماحول، واقعن ۽ حالتن کان علاوه ناول جا ڪردار پڻ ساڳيا ساڳيا پئي لڳا، جنهن سبب رشيد ڀٽيءَ هن ناول کي اخذ (Adapt) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

**رشيد ڀٽيءَ ناول جي Adaptation جو پسمنظر بيان ڪندي لکي ٿو ته:**

”پنجويهه سال ڪن ٿيا جو مون آنجهاني صاحب سنگهه چندا سنگهه شاهاڻيءَ جو ناول ”بلو ڪوڪر“ پڙهيو. اهو ناول ڪو شاهاڻي مرحوم جي پنهنجي اصلوڪي رچنا نه هئي. شاهاڻي صاحب جڳ مشهور ناول نگار ٿامس هارڊي جي مشهور ناول ”ميئر آف دي ڪئسٽربرج“ کي سنڌيءَ ۾ (Adopt) اخذ ڪري، ”بلو ڪوڪر“ جي نالي سان پيش ڪيو. ساڳيائي ڪردار ۽ موضوع، سنڌي سماج جي پس منظر ۾ پيش ڪري، شاهاڻي اسان کي ”بلو ڪوڪر“ جهڙو اهڙو شاندار ناول ڏنو، جو سنڌي نثر ۽ خاص ڪري فڪشن جي تاريخ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

منهنجي هن ناول لکڻ جو پسمنظر ۽ سبب به ٿوري ڪي گهڻي فرق سان ساڳيو ئي آهي. سن 1957ع ۾ مون کي مشهور روسي ناول نويس فيودور دوستو وسڪيءَ کي پڙهڻ جو موقعو مليو، پُوئر فوڪ، اڊيٽ، برڊرس ڪرامازوف، دي ڊيولس، دي گئمبلر ۽ ڪرائم اينڊ پنشمنٽ وغيره. انهن سڀني ناولن ۾ دوستو وسڪيءَ گهڻو ڪري ان وقت جي سماجي ستم ظريفين ۽ ڪردارن جي عڪاسي ڪئي آهي. اهو دؤر اهو هيو جو جاگيرداري ختم ٿي رهي هئي، ۽ ان جي جاءِ تي سرمائيداري سماج اسري رهيو هيو، ۽ شهرن ۾ وچولو طبقو جاءِ وٺي رهيو هو. جڏهين مون هن جو ناول ”ڪرائم اينڊ پنشمينٽ“ پڙهيو ته نه رڳو ان جو ماحول ۽ موضوع مون کي هن وقت جي پنهنجي دؤر سان ٺهڪندڙ لڳو، پر ڪردار به اهڙا نظر آيا، جي مون آڏو هن سماج ۾ گهميا ڦريا پئي. ساڳيائي مسئلا، ساڳيائي مونجهارا، ۽ ساڳيا ئي زندگيءَ جا بدلجندڙ قدر ۽ نوان اسرندڙ قدر ۽ انهن جا تضاد ۽ نتيجا! ۽ مون ان ناول کي سنڌيءَ ۾ ايڊاپٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.“ (3)

**ناول جو موضوع:**

پاپ ۽ پيڙا ناول جو موضوع سرمائيدارانه نظام ۽ ان سبب ٿيندڙ طبقاتي استحصال جو اعلى نمونو آهي. هي ناول سماج ۾ موجود غيرانساني روين، سماجي بي رحمي، انساني رشتن ناتن جي پچ ڊاهه جو اعلى نمونو آهي. هن ناول ۾ سمجهايو ويو آهي ته سماج جي بي رحميءَ جي وڌي وڃڻ سبب انسانيت ته پري جي ڳالهه آهي، رت جا رشتا، مٽي مائٽي ۽ دوستيءَ جا رشتا پڻ پنهنجو وجود وڃائي ويهن ٿا، جنهن سبب سماج ۾ بگاڙ ٿو پيدا ٿئي ۽ ان بگاڙ سبب خود غرضي ۽ مفاد پرستيءَ جو بنياد پوي ٿو. انساني ذهن ڏکن، ڏوجهرن، نراسائين ۽ نا اميدين جو شڪار بڻجيو پوي ٿو. سرمائيدارانه نظام جي باعث پيدا ٿيندڙ سماجي ۽ اقتصادي ڏوهن، اوڻاين ۽ اذيتن جو هن ناول ۾ ذڪر ٿيل آهي. ناول ۾ ڏيکاريل آهي ته سرمائيدارانه نظام جي ڪري انساني ڪردار، سوچ ۽ خيال جو رُخ اونداهين جي ماڳ ڏانهن وڃي ٿو. اهڙي قسم جون حالتون انسان کي ڏوهه طرف مائل ڪن ٿيون. پوءِ بگڙيل ذهني حالتن ۽ ڪيل ڏوهن کي Justify ڪرڻ لاءِ هٺرادو جواز ڳاهيا وڃن ٿا، جنهن سان ذهني سڪون حاصل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. رشيد ڀٽي ناول جي موضوع بابت وضاحت ڪندي لکي ٿو ته: ”دنيا جي عظيم ۽ سپ کان وڌيڪ پڙهيل ڪتاب جو موضوع اهو ئي آهي. انهن ئي مايوسين، نراسائين، اڪيلائين ۽ گمراهين ۾ هن ناول جا ڪردار گرفتار نظر اچن ٿا. پڙهندڙن کي ائين لڳندو ڄڻ سچ پچ سنڌ جي ڪنهن شهر جي پڙهيل ڳڙهيل هيٺين وچولي ڪٽنبن جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. سرمائيداري سماج جي خود غرضي، مفاد پرستي ۽ موقعي پرستيءَ جو شڪار، ناول جا ڪردار نااميدي ۽ نراسا وچان ڪٿي غير انساني حرڪتون ڪن ٿا، ته ڪٿي گمراهين جي ٻين چڪرن ۾ ڦاسي پون ٿا. ايتري قدر جو ڪٿي خودڪشي به ڪين عياشيءَ کان گهٽ مهانگي نٿي معلوم ٿي. مطلب ته ناول ۾ اسان جي موجوده سماج ۽ شهري ماحول ۽ جيون جي پوري پوري عڪاسي نظر اچي ٿي. ڪردارن جا عمل انهن جي سماجي نيمن جي خلاف

آهن، جي سرمائيداري سماج ۾ پرمار ڪندڙ طبقي جي مفادن جي حفاظت ڪن ٿا. اتي انسانيت، انساني ناتا، لڳ لاڳاپا، قدر ۽ آدرش سڀ قربان ڪرڻا پون ٿا. غير انساني سرمائيداري سماج انسان کان اها ئي تقاضا ڪري ٿو ته هو انسانيت کان به انڪاري ٿئي، اهو ئي سچ آهي، جو ناول جو هيرو سراج محسوس ٿو ڪري. سراج ان ظلم ۽ پرماريت واري سماج ۾ مختلف قسم جي غير انساني رَوشن، وارتائن ۽ سلوڪن منجهان چونڊ ٿو ڪري. هن جي چونڊ محدود آهي. رڳو بچڙاين ۽ بدين مان ئي ڪيس چونڊ ڪرڻي پوي ٿي.“[4]

**ترجمي جي ٻولي:**

رشيد ڀٽيءَ جو تعلق سنڌ جي سِري (اتر) واري علاقي سکر سان آهي، جنهن ڪري سندس ٻوليءَ تي سريلي ٻوليءَ جو واضح ۽ نمايان اثر آهي. هن اڪثر جاين تي اترادي ٻوليءَ کي پنهنجي تخليق جو لهجو (Dilect) بڻايو آهي. پگهار جو لفظ وچولي ۽ لاڙي لهجي ۾ مذڪر طور (جيئن :پگهار ملندو آهي) استعمال ٿئي ٿو، جڏهن ته اتراديءَ ۾ پگهار جو لفظ مؤنث طور (جيئن : پگهار ملندي آهي) استعمال ٿيندو آهي. ساڳيءَ طرح رشيد ڀٽيءَ به هن ترجمي جي ٻوليءَ ۾ اترادي لهجي کي اپنايو آهي، جيڪو ان جو پنهنجو لهجو پڻ آهي. رشيد ڀٽيءَ ناول جي ماحول ۽ پسمنظر کي اترادي چاڙهيو آهي، جنهن سبب اتر جي ٻوليءَ جي استعمال جو عمل شعوري لکيو اٿس. رشيد ڀٽي لکي ٿو ته: ”هن ناول ۾ مون سري جي زبان ۽ لهجو ڪتب آندا آهن. جيتوڻيڪ اڄڪلهه ادب ۾ لاڙ جي زبان گهڻو مروج آهي. اتر جي زبان واپرائڻ جا به ڪارڻ آهن. هڪ ته ناول جو ماحول ۽ پسمنظر اتر جا آهن، ۽ ٻيو ته مصنف جي روزمره جي واهپي جي زبان ۽ لهجو به اهي آهن ۽ انهن ۾ اظهار مون کي سؤلو ۽ سادو لڳو.“ [5]

رشيد ڀٽيءَ هن ناول کي سنڌي ماحول ڏيڻ ۾ ڪافي محنت ڪئي آهي. هن ناول جي مک ڪردار ”سراج“ کي سنڌي ماحول ۽ ان وقت جي سماجي حالتن پٽاندر بهترين طريقي سان پيش ڪيو آهي. سندس پيش ڪش جو انداز نهايت وڻندڙ ۽ واقفڪار آهي. ائين محسوس ٿئي ٿو ته ان ڪردار جو اصل جنم روسي پوميءَ تي نه بلڪ سنڌ جي سيني تي ٿيو آهي.

رشيد ڀٽيءَ مايوسين ۽ نراسائين جي ذڪر ۾ ڦاٿل ڪردار جي ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ ڇڪتاڻ واري صورتحال کي زبردست نموني پيش ڪيو آهي. رشيد ڀٽي غربت ۽ افلاس جي ماريل ڪردار جي ذهني ڪشمڪش ۽ ڇڪتاڻ جو زبردست نمونو پيش ڪيو آهي. رشيد ڀٽيءَ ناول جي ڪردارن کي سنڌي ويس ڏيڻ خاطر جا بجا سنڌي محاورن جو پڻ استعمال ڪيو آهي. جيئن ”هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون“، ”ٻليءَ پير کسڪڻ“ وغيره وغيره.

رشيد ڀٽي سراج جي ڪردار کي سنڌي ماحول ۾ رڱيندي لکي ٿو ته: ”هو پاڻ کي جاءِ جو مالڪ جي نظرن کان ڪاميابيءَ سان بچائي آيو هو. هو هڪ ڏمتار عمارت جي وچين طبقي جي هڪ ڪٻاٽ جهڙي ڪمري ۾ رهندو هو. جاءِ جو مالڪ هيٺين طبقي ۾ رهندو هو، ۽ ان جي دروازي وٽان ئي مٿي وڃڻ جي ڏاڪڻ هئي. هر ڀيري جڏهن هو ان در اڳيان لنگهندو هو ته سندس ڪنڌ شرم ۽ ڀؤ کان هيٺ هوندو هو. هو مالڪ جو حد کان وڌيڪ مقروض هو. اهو شرم ۽ ڀؤ ان ڪري نه هوس جو هو ڪو ٻجڙو هو، پر ان ڪري جو ڪجهه وقت کان هو هڪ ذهني ڇڪتاڻ ۾ مبتلا هو. ان ڪري هو پاڻ ۾ ايترو گم ٿي چُڪو هو، جو نه رڳو مالڪ مڪان پر ٻين يارن دوستن سان به ملڻ کان ڪيٻائيندو هو. جيتوڻيڪ هو غربت جو ماريل هو، پر سندس اٽ هوند، ان مهل، هن لاءِ ڪا اهميت نه پئي رکي. هن پنهنجي اهم ضرورتن تان به ڌيان هٽائي ڇڏيو هو. مالڪ مڪان ڇا پئي ڪري سگهيو؟ ان ڳالهه به هن کي پريشان نه پئي ڪيو. پر هو رڳو ان ڳالهه کان ڊنو پئي، ته متان هو ڪيس ٻيهاري، اجائي بڪ شڪ ڪري، مسواڙ گهري ۽ ٻيون غيرواسطيدار هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري. اهوئي ڪارڻ هو، جو هو اتان چپ چاپ ٻليءَ پير کسڪي آيو هو.“ [6]

رشيد ڀٽي اصل ڪردار جي روح کي سامهون رکي سندس گهرج مطابق ڪردار نگاري ڪئي آهي. ڪردار ڪيئن ٿو سوچي؟، سندس ذهن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڦرن ٿيون؟، سندس اندر ۾ ڪهڙي آنڌ مانڌ آهي؟ وغيره وغيره. اهڙين سمورين ڳالهين جو هن زبردست عڪس پيش ڪيو آهي. مثال جي طور تي رشيد ڀٽي لکي ٿو ته: ”ٻاهر قهر جي گرمي هئي. ٻُٽ، سکر جي دز، ڌوڙ ۽ رئي، سڀ نوجوان جي ٿڪل ۽ پريشان جسم ۽ جان تي وڌيڪ خراب اثر وجهي رهيا هيا. شهر مان موٽندڙ ڏٻرا ۽ ڏتڙيل مزدور، پڳل ٽٽل جايون، ۽ جا بجا گهمندڙ فقير، هن جي رهيل سهيل خوشي به ختم ڪري رهيا هيا. هن جي ڀڪندڙ منهن تي جهٽ لاءِ نراسائي ۽ مايوسيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. هو رنگ روپ ۽ ڏانوَ ڏيل ۾ ڪو ويل ڪونه هو. قد جو پورو پنو. جسم سڀر، ڪلها موڪرا ۽ اکيون ڪاريون.“ [7]

رشيد ڀٽي ناول جي ٻوليءَ کي آسان ۽ سمجهه واري بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. ڪردار نگاريءَ کان علاوه به ناول جي سموري گهرجن کي هن ديسي رنگ ڏئي، سنڌي چولو پارائي، سنواري سينگاري عوام آڏو پيش ڪيو آهي. رشيد ڀٽيءَ ناول جي روح کي قائم رکندي، غضب جي منظر نگاري ڪئي آهي. جنهن ڪري سمورو منظر هڪ فلم وانگر اکين جي آڏو پردي تي ڦرندو رهي ٿو، پڙهندڙ اندر جي اک سان اهو سمورو منظر محسوس ڪري مزو وٺي ٿو.

رشيد ڀٽي هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته: ”ٻئي ڏينهن هو ننڊ مان تمام دير سان اٿيو. ان ننڊ به هن کي پورو آرام نه پهچايو هو. هو اٿيو ته سندس طبيعت اجا ڳوري هئي ۽ سندس ذهن اجا ملول هو. هن ڌڪار سان پنهنجي ڇهه فوٽي ڪمري ڏانهن نهاريو، جو ان وقت

غربت جو شاهڪار پئي نظر آيو. ڪمري جي ايراضي پنجن وکن جيتري هئي، ۽ چت ايتري ته هيٺ هئي جو معمولي ڊگهي ماڻهوءَ کي به ڪٽ تي اپي ٿي بيهڻ جي جرئت ڪانه ٿئي. ڪمري جي هڪ پٽ سان ٽي ڪُٽلان ڪرسيون پيون هيون، ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ ٽپائي رکيل هئي. ڪمري جو وڏو حصو هڪ ڪٽ والاريون پئي هئي، جا ڪرسين جي سامهون واري پٽ سان رکيل هئي، ۽ جنهن تي هڪ پراڻو ۽ ميرو بسترو وڇايل هو.“ (8)

رشيد ڀٽي، ناول ۾ موجود سماجي توڙي سياسي حالتن کي پنهنجي دؤر جي سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي تناظر ۾ جاچيو ۽ پرکيو آهي. هن، ناول ۾ ٿوري گهٽي ڦيرگهير سان لڳ ڀڳ اهي ئي مسئلا بيان ڪيا آهن، جيڪي ان وقت سنڌ سان لاحق هئا. رشيد ڀٽيءَ ناول ۾ اهو ڀڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪيئن نه هڪ وڏيرڪي سماج ۾ هڪ بيوس، مظلوم ۽ گهرجائو عورت سان جٺيون ٿيون ٿين. سندس جذبن کي مجبوريءَ جي حالت ۾ خريد ڪيو ٿو وڃي. مختلف قسمن جون آڇون ۽ لالچون ڏئي، سندس ذهن تبديل ڪيو ٿو وڃي.

سنڌي سماج ۾ موجود ڪُڌي ۽ بدبودار رواجي رسم ”شڪ“ کي غريب ۽ هيٺين طبقي جي استحصال لاءِ لاڀائتي هٿيار طور استعمال ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. هڪ طرف عورت عورت جي دشمن آهي ته ٻي طرف عورت جي ماءُ واري ڪردار ۽ سندس جذباتي ڪيفيتن جو زبردست اظهار ڪيو اٿس. رشيد ڀٽيءَ سنڌ جي روايتي ماءُ جو اولاد لاءِ اٿاهه پيار جي جذبي جو ذڪر نهايت جذباتي انداز ۾ ڪيو آهي. هڪ سنڌي سماج جي ڳوٺاڻي ماءُ پنهنجي اولاد لاءِ ڇا ٿي سوچي، ڇا ٿي محسوس ڪري وغيره وغيره. سراج جو خط کولڻ، خط مان ماءُ ۽ پيڻ جي خوشبوءِ سنگهڻ ۽ خط کي چُمي ڪري اکين تي رکڻ دراصل روايتي پيار ۽ رشتن جي مضبوط ڳانڍاپي جي نشاندهي ٿو ڪري. رشيد ڀٽيءَ اهڙي منظر کي هڪ ماهر ڪيمرامين وانگر فلمايو آهي. هو لکي ٿو ته : ”خط ڏسي هو سچو پيلو ٿي ويو. ڳپل وقت کان پوءِ ڪيس ڳوٺان خط آيو هو. گڏوگڏ هڪ مخفي احساس به هن کي ڊيڄاري ڇڏيو. جنت کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چئي، هن وري خط ڏانهن نهاريو. هن اڪيلائيءَ ۾ خط پڙهڻ پئي چاهيو. جنت ٻاهر نڪتي ته هن خط چپن تي آڻي چميو. پوءِ هن لکيل سرنامي ڏانهن نهاريو، جو سهڻن ۽ سنهن اکرن ۾ لکيل هو. اکر، جي هن جا ڄاتل سڃاتل هئا. هو خط کولڻ وقت هٻڪي رهيو هو، هڪ نامعلوم خوف جي احساس کان.“ (9)

رشيد ڀٽيءَ ناول جي ڪهاڻيءَ کي مختلف نمونن ۾ ڪاٽ ۽ واڌ ڪري اصل ناول جي اجائي ڊيگهه کي ختم ڪيو آهي. هن ڳوٺاڻي سماج، ڳوٺاڻي ماحول کي زبردست انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ڳوٺاڻي ماحول جي حساب سان ڪردار جو پنهنجي ابن ڏاڏن جي قبر تي وڃڻ، قل پڙهي دعا گهرڻ، مڪان وٽ موالين جو شور ۽ گوڙ گهمسان هئڻ وغيره ناول کي حقيقي معنى ۾ سنڌي ماحول فراهم ڪري سنڌي بڻائن ٿا. اهڙي ئي منظر ۽ سنڌي روايتن جو بيان ڪندي رشيد ڀٽي هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته: ”سراج به اهڙو ئي خواب لڌو. هن خواب ۾ پاڻ کي ٻالڪپڻي ۾ ڏٺو. پنهنجي ڳوٺ جي هڪ وڏي رستي تي هو پيءُ سان هلي رهيو هو. رستو پورو ڪري جڏهين ڪٻي مڙيو ته اڳيان هڪ مڪان هو، جتي سدائين موالي ۽ نشئي شام ويلي گوڙ گهمسان ڪيون ويٺا هوندا هئا. مڪان جي پويان ئي ڳوٺ جو قبرستان هو، جنهن ۾ سندس ڏاڏي جي قبر هئي. هو هر جمعي تي پيءُ سان گڏ ڏاڏي جي تربت تي ويندو هو. اتي ڏاڏهنس جي پرسان ٻي قبر به هوندي هئي، جا سندس ڀاءُ جي هئي جو ڇهن مهينن جي عمر ۾ گذاري ويو هو. هن اهو ڏٺو ڪونه هو. تڏهين به هر پيري هو ڏاڏي جي قبر کان ٿي ڀاءُ جي قبر تي به ايندو هو ۽ قل پڙهي دعا گهرندو هو.“ (10)

رشيد ڀٽيءَ ناول کي سنڌي چولو پارائڻ ۾ لڳ ڀڳ مڪمل طور ڪامياب ويو آهي. هن ناول کي اخذ ڪندي ڪٿي ڪٿي ٺيٺ سنڌي لفظن جو استعمال ڪيو آهي، جنهن مان پڙهيءَ پت خبر پئجي سگهي ٿي ته اصل ناول ۽ اخذ Adapt ٿيڻ کان بعد ناول جو ماحول ۽ رنگ ڪيترو نه ديسي ٿي ويو آهي. رشيد ڀٽيءَ جي اخذ ڪيل ناول جي ٻولي نهايت شاندار خوبين جي مالڪ آهي. هر لفظ ۽ جملي مان سنڌ جي شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ جو عڪس نمايان آهي. هن، پنهنجي تخليقي قوتن سان، اهڙو واقفڪار ماحول جوڙيو آهي، جنهنجو مثال تمام گهٽ ملي ٿو. رشيد ڀٽي هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته: ”رستي تان ڦري هو مارڪيٽ طرف آيو. مارڪيٽ جي ٻاهران بندو ڪٻاڙيءَ جو دڪان بند پيو هو. مارڪيٽ ۾ داخل ٿيو ته ڪن ڳوٺاڻن کي هڪ دڪان جي ٻاهرين دڪي تي محفل ۾ ڏٺائين. هو ٻهراڙيءَ مان مال کڻي آيا هئا ۽ گاڏيون کولي ويٺا دل وندرائي رهيا هئا. هڪ گاڏر نڙ وڄائي رهيو هو ۽ ٻيو ان تي بيت ڏئي رهيو هو.“ (11)

رشيد ڀٽيءَ خوبصورت سنڌي تشبيهن ۽ استعارن سان ناول جي ٻوليءَ کي رنگين ۽ دلڪش بنائي ڇڏيو آهي. هن سنڌيءَ جي عام ۽ مروج چوڻين، اصطلاحن ۽ پهاڪن کي استعمال ڪري ناول کي هڪ سنڌي ماحول ڏئي پيش ڪيو آهي. هڪ جاءِ تي هو لکي ٿو ته : ”چڱو جيئن وڻئي، تيئن ڪر. پر هڪ ڳالهه ٻڌي ڇڏ ته پنهنجي ڏک ۽ تڪليف تي آرو ڪري ويهي رهڻ سان، تون انهن کان ڇوٽڪارو نه پائي سگهندين. ان ڪري چڱو ٿي ته ساٿ سنگت سان کل. متان ڪو مدد ڪري سگهئي.“ (12)

اها حقيقت آهي ته ادبي تخليق ۾، مصنف پنهنجي خيال ۽ فڪر جي صورت ۾ ڪٿي نه ڪٿي ضرور موجود هوندو آهي. رشيد ڀٽي به ترقي پسند سوچ ۽ جديد عملي زندگيءَ جي فڪر سان ناول ۾ موجود آهي. رشيد ڀٽي نوجوان نسل کي سماجي ۽ اقتصادي زندگيءَ جي ترقيءَ جو سبب ڄاڻي ٿو. مختلف بحث مباحثي کان پوءِ عملي زندگيءَ بابت پنهنجي نظرئي کي سمجهائي ٿو. رشيد ڀٽي لکي ٿو ته:

”دنيا ڪافي ترقي ڪري چُڪي آهي. شهرن ۾ نوان خيال، نيون ايجادون ۽ نوان نظريا پهچي چُڪا آهن. منهنجو خيال آهي ته اهو سڀ ڪجهه نوجوانن سان رهي ڪري ئي معلوم ڪري سگهجي ٿو. منهنجو اهو تجربو آهي.

”تجربي مان تنهنجي ڇا مراد آهي؟“

”عملي تجربو.“ اسلم وراڻيو.

”سراسر غلط آهي!“ رشيد هن تي جهل ڪئي، ”عمل هت آهي ئي ڪونه. اهو ڳولڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي. عملي زندگيءَ ۽ عملي نظريا وغيره، سڀ بڪواس آهن.“

”مان توهان سان متفق نه آهيان.“ اسلم ڳالهايو، ”ائين برابر آهي ته ماڻهو اڪثر غلطي ڪري ويهي ٿو. پر هن کي سالم دماغيءَ سان عمل جاري رکڻ گهرجي. اڪثر ماڻهوءَ جي غلطي ڪرڻ ته پاڻ ڏيکاري ٿي ته هن کي پنهنجي مقصد سان ڪيترو چاهه آهي. اهي سڀ غلطيون ٻاهرين حالتن جو نتيجو هونديون آهن. اهو ته توهان به مڃيندؤ ته اڪثر عملي قدم اهڙا کڄن ٿا، جن اسان کي گهڻو ڪي فائدو رسايو آهي. اڄ جي ادبي تخليق ئي ڏسو. اسان کي ڪٿان کان ڪٿي آڻي ڇڪي آهي. اهو توهان کي تسليم ڪرڻو پوندو ته اسان ڪافي اڳتي وڌي چُڪا آهيون. سائنسي طور، اقتصادي طور ۽ سماجي طور وغيره.“ (13)

رشيد ٻٽيءَ ناول ۾، قوم ۽ سماج تي اثر انداز ٿيندڙ مختلف سماجي نظرين جي پڻ اپٽار ڪئي آهي. رشيد ٻٽيءَ مطابق فڪري طور تي انسان ٻن قسمن جي گروهن ۾ ورهايل آهي. هڪ رجعت پسند سوچ رکندڙ ۽ ٻيو ترقي پسند سوچ جو حامل. هڪ روايت پرستيءَ ۾ يقين ٿو رکي ته ٻيو تبديليءَ جي خواهش رکندڙ آهي. رشيد ٻٽي، ناول ۾ هڪ جاءِ تي پنهنجي ترقي پسند سوچ ۽ فڪر جي پرچار ڪندي نظر اچي ٿو. هو لکي ٿو ته: ”باقي جيتريقدر ماڻهن جي ٻن قسمن جو تعلق آهي ان بابت مون چيو آهي ته فطرتًا انسان ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي. هڪ عام، جو جيئن جو تيئن حالتن ۽ سماج ۾ رهڻ ٿا چاهين ۽ ٻيو جي نواڻ ۽ تبديليءَ جا خواهان ۽ ڪوشان آهن. پهرين قسم کي دقيانوسي يا رجعت پسند چئي سگهجي ٿو، ڇو جو اهي پراڻن اصولن، قانونن ۽ سماجي ناتن ۾ رهڻ يا موٽڻ پسند ڪن ٿا، ۽ ٻي کي ترقي پسند چئجي ٿو. ڇو جو اهي قانون ۽ سماجي رشتن ۽ حالتن ۾ ترقي ۽ تبديلي چاهين ٿا. ان ڪري هو هر رڪاوٽ ۽ بندش کي ٽڏي ڇڏيندا آهن. سماج کي ڌاهي نئين سر اڏيندا آهن. هو ان عمل کي ڏوهه نه سمجهندا آهن. ڇو جو سندس ضمير ڪين ائين مڃڻ کان روڪيندو آهي.“ (14)

سندس سوچ مطابق، ترقي پسند سوچ جو حامل انسان، سماج ۾ موجود زندگيءَ بابت بنيادي اصولن ۽ قانونن ۾ جديد سماج ۽ تقاضائن پٽاندڙ تبديلي ۽ ڦيرڦار چاهي ٿو. نوان نوان نيم ۽ اصول مقرر ڪرڻ چاهي ٿو. جڏهن ته روايت پسند انسان، قديم اصولن جو پابند رهي ٿو، نتيجي ۾ هو کوهه جي ڏيڏر وانگر ئي زندگي گذاري ٿو ۽ سماج لاءِ اٽلاپائتو ثابت ٿئي ٿو.

رشيد ٻٽي، ناول جي ٻوليءَ ۾ صرف لفاظي ۽ پرتيءَ جا لفظ نه پريا آهن، پر سندس استعمال ڪيل هر لفظ ۽ جملي ۾ پنهنجي ديس جي خوشبوءِ محسوس پئي ٿئي. مختلف چوڻيون ۽ پهاڪا نهڪندڙ ۽ مناسب جاين تي استعمال ڪيا اٿائين. جنهن سبب سندس ٻوليءَ جو رنگ نج ۽ دلڪش ٿي پيو آهي.

رشيد ٻٽيءَ اصل ناول ۾ موجود سماجي حالتن کي نظر ۾ رکي پنهنجي سماجي حالتن تي لکيو آهي. اهڙين حالتن کي وائکو ڪرڻ سان ناول نه صرف مڪاني پيو لڳي پر سنڌي قوم پنهنجي داخلي مسئلن کان به واقف ٿئي ٿي. رشيد ٻٽيءَ سماج ۾ موجود انساني روين، سپاوَن ۽ ڪردارن کي سنڌي ماحول ڏئي پيش ڪيو آهي. هن گل خان جهڙن روايتي ۽ ناسوري ڪردارن کي وائکو ڪري ننڍن ننڍن مسئلن طرف عوام جو ڌيان ڇڪايو آهي. مثال هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته : ”جميله کان سَڻو نه ٿيو. هو اڳ ئي گل خان تي پَري ويٺي هئي، سو ڦاٽي پئي، ”مينهن ٿي چئي ڳئونءَ کي هل ڙي پڇ ڪاري. هيءَ ته مجبوريءَ کان پئي منهن ڪارو ڪري. تون ته خانداني بردا فروش هئين. ان پيشي مان ئي مال ملڪيت ٺاهيئي. هاڻي ڪلو ٻڌي، شهر جو ڇڱو مڙس ٿئين ته ڇا ٿيو! بيشرم پنهنجي اندر ۾ به جهاتي پاءِ. ڪمينا ڪنهن جاءِ جا! ۽ هوءَ ڪنگهه ۾ ٻڙجي وئي.“ (15)

رشيد ٻٽيءَ ناول جي ٻوليءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اترادي لهجو استعمال ڪيو آهي، جنهن بابت هن ناول جي مهاڳ ۾ پاڻ لکيو آهي. اترادي لهجو، لاڙي لهجي جي مقابلي ۾ سنئون سڌو ۽ بيانيه انداز وارو ليکيو ويندو آهي. پر اترادي لهجي جي نرمائپ ۽ ڪوملتا به پنهنجي جاءِ تي اهميت واري آهي. ”اٿ ني، ويهه ني، وڃ ني، ڏيندم، وٺندم، وغيره“ ۾ ”ني“ لفظ جو استعمال ٻوليءَ کي نهايت خوبصورت ۽ دلڪش بڻائي ٿو.

رشيد ٻٽيءَ ناول ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي ڪئي آهي. هن ناول جي ڪردارن جي چونڊ ۾ نهايت احتياط کان ڪم ورتو آهي. سنڌ ۾ موجود وڏيرڪي ذهنيت رکندڙ شخص جي عڪاسي ڪئي اٿس. رشيد ٻٽي لکي ٿو ته ڪيئن نه هڪ امير ۽ وڏيرو شخص هڪ غريب ۽ نادار عورت جي مجبوريءَ جو فائدو وٺي ڪيس شاديءَ تي آماده ٿو ڪري، وڏيرو پنهنجي روايتي ذهنيت کي آڏو رکي سموري

سماج کي پنهنجي خواهشن آڏو جهڪائي ٿو. هو چاهي ته سندس زال نوجوان به هجي، پڙهيل ڳڙهيل به هجي ۽ غريب ۽ سورن جي ستايل پڻ هجي. ڳوٺ وڏيري جي، سورن جي ستايل زال هجڻ جي پويان سندس وڏيرڪي ذهنيت آهي، سندس سوچ اها ئي آهي ته سورن جي ستايل عورت مار ۽ موچڙي سان سندس فرمانبردار پڻ رهي پئي سگهي.

اهي سمورا مسئلا اسان جي سماج جا مسئلا آهن، جن کي رشيد ڀٽيءَ اخذ ڪيل ناول جي زينت بڻايو آهي.

**نتيجو:**

رشيد ڀٽيءَ اخذ ڪيل ناول ۾ سنڌي سماج ۾ موجود اخلاقي قدرن ۽ روايتن جي پڻ عڪاسي ڪئي آهي. مرد جي گذري وڃڻ کان پوءِ عورت پنهنجي اولاد لاءِ ڇپر ڇانوَ بڻجي ويندي آهي. وڏو اولاد ننڍي ڀيڻ ڀاءُ لاءِ آسرو هوندو آهي. اهي مشرقي روايتن جا اخلاقي قدر ۽ ا هڃاڻ آهن. هڪ جاءِ تي رشيد ڀٽي لکي ٿو ته : ”ٻيو اٿن به ڪير؟ مان ئي ته آهيان؟........اسين هڪ ته آهيون. ڇنندي مان ته ڪونه. آخر به ته ابي جو اولاد آهن، ۽ ويچاري جميله!.........(هن جو آواز گهگهو ٿي ويو) هن ته بابا ڀيڻيان پنهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏي. هاڻي ته ڏينهن ٻن جي مهمان هوندي. ڀُڻتيون، پورهئو ۽ غربت ته حياتيءَ کي اڌوهيءَ ٿي لڳندا آهن ني، ڪهڙو اعتبار آ هاڻي سندس جيئڻ تي........ هن کي ته توتي آسرو آهي! ڇيائين ڀئي ته توکان ڪجهه مدد وٺي ڳوٺ هلي ويندي. ۽ بابي واري ڇهه جريب ٻني آباد ڪندي. هت رهڻ ۽ جالڻ هن لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي. “[16]

مٺي رشيد ڀٽيءَ مشرق خاص ڪري سنڌ جي روايتي اخلاقي قدرن جي زبردست عڪاسي ڪئي آهي. رشيد ڀٽي هڪ ترقي پسند سوچ جو مالڪ اديب آهي، هو سماج لاءِ هاڃيڪار ۽ فرسوده روايتن جو زبردست مخالف آهي. سندس خيال مطابق اهڙي قسم جون روايتون انساني سماج کي اڌوهيءَ وانگر کائي ٿيون ڇڏن. هو اهڙين فرسوده رسم ۽ رواجن کي روا رکڻ ۾ سماج جي هيٺين طبقي کي ذميوار ٿو ڪوٺي. هو سمجهي ٿو ته ان طبقي جا ماڻهو پنهنجي زخمي انا جي تسڪين لاءِ اهڙين روايتن کي جاري رکندا ٿا اچن. هڪ جاءِ تي هو لکي ٿو ته : ”اهڙين فرسوده ريتن رسمن تي ائين اجايو وڏي وڏي خرچ ڪرڻ، ان هيٺين طبقي جي خصوصيت هوندي آهي. ان ۾ هو وڏائي محسوس ڪندا آهن ۽ سندي ڦٽيل انا کي تسڪين ڏيندا آهن. هن شايد ان اهتمام رستي اهو به ڏيکارڻ ٿي چاهيو ته هوءَ چڱي چوکي خاندان جي هڪ آفيسر جي ڌيءَ هئي، پوءِ ڇا ٿيو جي هوءَ ڪن حالتن سبب اها ڏتڙيل ۽ ڏکن ڀري زندگي گهاري رهي هئي. بهرحال هن سڄي هل ٻڪيڙي ۾ سندس ذهني ڪيفيت جو گهڻ دخل درآمد هيو “[17]

رشيد ڀٽيءَ ناول ۾ ڏوهه بابت زبردست فلسفياڻي نموني ۾ بحث ڪيو آهي. سندس ٻوليءَ جي آسان هجڻ باعث اهڙي قسم جو بحث عام ماڻهن لاءِ پڻ سمجهڻ جو ڳو ۽ لاڀائتو ثابت ٿيو آهي. سندس مطابق ڏوهه سماج ۾ ٿيندڙ حالتن جي پيداوار آهي. ترقي يافته سماجي حالتن ۾ به ڪي اهڙيون حالتون پيدا ٿينديون آهن جن ۾ انسان ڏوهه ڪري ويهندو آهي.

بهرحال رشيد ڀٽيءَ هن ناول جي سماج، ماحول، ڪردارن ۽ حالتن کي تمام خوبصورت نموني پنهنجي سماج سان ڀيٽي پيش ڪيو آهي، جو ائين محسوس ٿي رهيو آهي ڄڻ اهي سمورا واقعا ۽ مسئلا پنهنجي ئي سماج جي پيداوار هجن. رشيدڀٽي اهڙن سمورن واقعن کي پڙهندڙن جي ذهنن تي نقش ڪرڻ ۾ گهڻي حد تائين ڪامياب ويو آهي.

**حوالا :**


1. رشيد ڀٽي : ” پاپ ۽ پيڙا “ (ترجمو) ـ جنوري 1992ع ـ نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ ـ صفحو 12
2. مختيار احمد ملاح : ” سنڌي ناول جي مختصر تاريخ “ ـ آگسٽ 2012ع ـ ثقافت کاتو ـ حڪومت سنڌـ صفحو 62 ، 63
3. رشيد ڀٽي : ” پاپ ۽ پيڙا “ (ترجمو) ـ جنوري 1992ع ـ نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ ـ صفحو 9
4. ايضًا : صفحو 12
5. ايضًا : صفحو ساڳيو
6. ايضًا : صفحو 13
7. ايضًا : صفحو 13 ، 14

8. ایضًا : صفحو 24 ، 25
9. ایضًا :صفحو 26
10. ایضًا : صفحو 35
11. ایضًا :صفحو 68
12. ایضًا : صفحو 72
13. ایضًا : صفحو 64
14. ایضًا : صفحو 103
15. ایضًا : صفحو 144
16. ایضًا : صفحو 125
17. ایضًا :صفحو 142